# دودو چنيسر

ورثي جو قومي ادارو، اسلام آباد

# دودوچنیسر

نیشنل انسٹیٹیوٹ آف فوک اینڈ ٹریڈیشنل ہیریٹیج،
F7/4_110 اسلام آباد ٹیلیفون ۲۱۲۲۹

ناشر ـ عڪسي مفتي، ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر.
پرنٽر ـ سنڌ پريس، حيدرآباد سنڌ.
پهريون ايڊيشن ـ مارچ، ١٩٧٥ع،
تعداد ـ هڪ هزار.

قيمت ١٢ رپيا

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هن ڪتاب جا سمورا حق "لوڪ ورثي جي قومي اداري" وٽ محفوظ آهن.

# دودو چنيسر

## سنڌ جو عظيم رزميہ داستان

(اردو ترجمي سميت)

ترتيب ۽ ٽرانسڪرپٽ:- اقبال جتوئي.

ريڪارڊنگ:- غلام حسين شيخ ۽ رياض محمود.

فنڪار:- فقير دوست علي ۽ ساٿي.

نيشنل انسٽيٽيوٽ آف فوڪ اينڊ ٽريڊيشنل هيريٽيج، اسلام آباد. پاڪستان

○ تعارف۔ نصراللّٰه ملک

○ مقدمو۔ پروفیسر محرم خان

○ اردو ترجمو۔ امداد حسیني

انهن تقاضائن کي پوري ڪرڻ لاءِ ان جذبي کي سمجهڻ، مڃڻ، ۽ ان کي صحيح لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي گهرج آهي، جيئن ان کي اسان جي قوم جي فڪر ۽ سوچ ۾ سمويو وڃي. اهڙيءَ ريت اردو زبان ۾ فڪر ۽ جذبي جي نئين افق سان گڏ نون ۽ جاندار لفظن ۽ قوت اظهار جي گنجائش پيدا ٿيندي.

اسان انهن تاريخي گهرجن کي پوري ڪرڻ جي ڏس ۾ 'دودي چنيسر' کان پهرين ٻه ٽي ڪتاب ڇپائي چڪا آهيون. ''بن ڦلواري'' پوٺوهار جي لوڪ گيتن جو هڪ اهڙو مجموعو آهي، جنهن ۾ ان پرڳڻي جي عوام جي پيار، نفرتن، اميدن، نراسائين، جذبن ۽ اُڌمن کي ڌڙڪندو محسوس ڪري سگهجي ٿو. ٻيو ڪتاب 'لوڪ واران' آهي، جنهن ۾ پنجاب جي داستان گوئيءَ جي جهونيءَ روايت جو هڪ جاندار ۽ تازو اظهار ملي ٿو. ''سرحد کي لوڪ گيت'' اسان جو ٽيون ڪتاب آهي، جيڪو سرحد صوبي جي مختلف علائقن جي عوام جي رنگارنگي ٻولين جو هڪ رنگو مجموعو آهي. ۽ هائي سنڌ جي عوام جي هڪ لوڪ ڪٿا اوهان جي سامهون آهي، جيڪا ڇهن سؤ سالن کان ماڻهن ۾ هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين سفر ڪندي آئي آهي. هينئر ان کي ڪتابي صورت ۾ اسين سڄيءَ قوم جي اڳيان سنڌ جي عوام جي همت، وطن جي محبت ۽ غيرت جي هڪ لازوال رزميہ داستان طور پيش ڪري رهيا آهيون. ان يقين سان ته هڪ رنگ ۾ رڱجڻ سان ئي اسان کي پنهنجي پاڪستاني قوميت جي سڃاڻپ جا اهڃاڻ نظر ايندا.

اسين اها ڳالهه خاص طرح ٿي عرض ڪرڻ گهرون ٿا ته اسان جو لوڪ ورثو اڃا تائين هڪ جيئري جاڳندي حقيقت آهي: اها رڳو تاريخ جي صفحن جي سونهن ئي نه، پر اسان جي ڪِرِناٽي زندگيءَ جو هڪ پيڙهائتو پاسو آهي. صنعتي ترقيءَ جي ڪري، جديد تاريخ پهرين اولهه جي دنيا ۽ هائي سڄيءَ رهيل دنيا ۾ علاقائي رنگارنگيءَ کي جذب

ڪري هڪ رنگو شعاع ڪري ڇڏيو آهي. پر اسين ڏسون ٿا ته اسان وٽ صورتحال بلڪل مختلف آهي. لوڪ ادب اسان جي ديس واسين جي اڪثريت لاءِ اڄا زندگيءَ جو ”ماضيءَ وارو ورثو“ به نه آهي. ان ڪري ئي اسان جو ماضي اسان جي به ڪيترن ئي علائقن ۾ اسان جي اڄ جي تاريخ سان جيئري جاڳندي روپ ۾ ڇٽيو پيو آهي، پر ساڳئي وقت اهو به چوڻ صحيح ٿيندو ته پاڪستان جي گهڻي تاريخ عصري تاريخ آهي- يعني اسان جو ماضي، حال ۽ ڪنهن حد تائين آئيندو به اڄ اسان وٽ موجود آهي- منهنجي ان ڳالهه تي ممڪن آهي ته اولهه جا مبصر يا اولهه جي حوالن سان ويچارڻ وارا حيران ٿين، ڇو ته اولهه جي سڀيتا جي تاريخ ۾ ماضي، حال ۽ آئيندو ايتري قدر ڌار آهن، جو ان جو هڪ اڪائيءَ ۾ سمجهڻ ڏکيو آهي. پر اچو ته هتي ٿورو غور سان ڏسون.

ڳوٺن ۾ رهندڙ اسان جا پائر گهڻو ڪري سوين سال پهرين اسان جي ابن، ڏاڏن جيان اڄ به ان ريت ئي رهن ٿا، سوچين ٿا، ۽ هلن چلن ٿا. ڌرتيءَ تي سندن چرندڙ ڦرندڙ جانور ۽ پوکجندڙ وڻ ۽ گل بوٽا اهي ئي آهن، سندن سماجي رسمون اهي ئي آهن. سنڌ ۾ دودي چنيسر جي ڪتا هڏي ڳوناٺا اڄ به ان ريت مست ٿين ٿا، جيئن ڪئين جڳ پهرين چارڻ انهن کي اها ڪتا هڏائي مست ڪندا هئا.

ڇا اسان وٽ ماضي ۽ حال گڏوگڏ نٿا هلن؟ ڇا ڏڳي گاڏيون، اٺ گاڏيون ۽ موٽر گاڏيون گڏوگڏ هڪ رستي تي نه هلي رهيون آهن؟ پر اها صورت گهڻو وقت نه رهندي. صنعتي ترقي ۽ شهري سڀيتا تيزي سان پکڙجي رهي آهي. ان کان سواءِ ”نئين سڀيتا“ جي چشڪي اسان کان اسان جو ماضي کسي ورتو آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسين پنهنجي سڀيتا کي نين سائنسي کوجنائن جي پٽاندر سمجهون ۽ پاڻ وٽ سانديون. رڳو ان لاءِ نه ته ايندڙ پيڙهيون ان کي ميوزيم جي

روپ ۾ ڏسڻ ۾ ان لاءِ به ته نئين پاڪستاني سڀيتا جي اڏاوت ۾ اسان جو لوڪ ورثو پنهنجو صاف سٿرو ڪردار ادا ڪري سگهي ۽ پاڪستاني شخصيت جي سڃاڻپ ۾ ايندڙ آئيندي لاءِ قائم رهي.

اسان جو ادارو ان قسم جي خدمت سرانجام ڏيئي رهيو آهي. اڃا ان جي شروعات ٿي آهي، ۽ پنهنجن محدود وسيلن سان اسان پاڪستاني لوڪ سڀيتا تي ايترو مواد گڏ ڪري ورتو آهي، جو اسين اڄ ملڪ جي عالمن کي دعوت ٿا ڏيون ته اهي ان ڪوجنا ۾ اسان جو هٿ ونڊائين. اميد اٿون ته اسين ڪتابن، رسالن ۽ رڪارڊن وغيره جي صورت ۾ اوهان تائين پنهنجي ڪوجنا پهچائيندا رهنداسين.

ادارو محترم محترم محمد ابراهيم جوڻي جو شڪرگذار آهي، جنهن ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ اسان جي مدد ۽ رهنمائي ڪري، اسان تي وڏا وڙ ڪيا.

نصرالله ملڪ

ڊائريڪٽر،

انسٽيٽيوٽ آف فوڪ اينڊ ٽريڊيشنل

هيريٽيج، اسلام آباد.

# مقدمه

دودي چنيسر جو داستان، سنڌ جو هڪ عظيم ۽ مقبول عام جنگي داستان آهي، جيڪو اسانجي عوامي ۽ قديم شعر گوئي جو کهنو يادگار، ۽ سنڌ جي رزميه شاعريءَ جو هڪڙو منفرد مثال آهي. سنڌ جو هيءُ عظيم جنگ نامو، گذريل پنجن ستن صدين کان وٺي، سنڌ جا سڄاڻ راوي پنهنجي سيني ۾ سانديندا پئي آيا آهن. پر علمي دنيا ۾ ته اڄ تائين به هن جي ڪا اپٽار نه ٿي آهي ۽ نه ٿي وري ڪا هن جي ادبي ڇنڊڇاڻ به ٿي آهي. سنڌ جو هيءُ مشهور واقعو تاريخ جي هڪ عظيم حادثي جو يادگار آهي. اهو المناڪ واقعو جيئن ته سومرن جي ٿي راڄ ۾ رونما ٿيو هو، تنهن ڪري قصي جي تفصيل ۾ وڃڻ کان اڳ ۾، اول ته سومرن جي سياسي تاريخ جو پس منظر ڏسڻ ضروري آهي.

**سومرا قوم جو اوائلي احوال:** ٿانيسر جي راجا هرش (647ع) ڪانپوءِ، ريگستان ۾ هڪڙي نئين قوم وجود ۾ آئي، جنهن کي راجپوت چئجي ٿو. سومرا به اصل ۾ راجستان جا رهاڪو هندو راجپوت آهن، جيڪي پرمار قوم جو هڪڙو مک پاڙو مڃيا ويا آهن. سندن اوائلي راڄ: مالوا، گجرات، بيڪانير، آبو، لڊائي ۽ ڊيٽ ۾ هئا. سر هينري ايليٽ ته پنهنجي تحقيقي تاريخ (History of India, Vol. I) ۾، تاريخ طاهريءَ جي تاعيد سان، الور (اروڙ) جي شاهي خاندان کي به سومرا ثابت ڪيو آهي. عربي دور خلافت ۾، سنڌ اندر به سومرن جي اسرڻ لاءِ ڪي سياسي سبب پيدا ٿيا. دمشق ۽ بغداد جي مرڪزي خلافتن کي ڊاهڻ لاءِ جيڪي خفيه منصوبا سٽجڻ لڳا، انهن جو اثر سنڌ ۾ به ظاهر ٿيو،

سان، هنن شرع اسلاميءَ جو مرڪزي عقيدو قبول ڪيو ۽ حڪمران قوم جي ڪيترن ئي قبيلن جي دل تي اسلام جي حقيقت ۽ سچائي جو پختو يقين ويهي ويو. انهيءَ سلسلي ۾ سومرن جي پڪيل قافلي (چچ) کي ’رڻ پٽ ۾ پاڻي پيارڻ‘ واري غوث پاڪ جي ڪرامت پڻ مشهور آهي. تنهن ڪري هاڻي هر مشڪل مرحلي تي ۽ بقول ياڪو پاڻ جي ته هر مشڪل محاذ تي هو بار بار

غوث بهاؤالحق جو، ٿانر هڻن نعرو،
رات وهامي ڏينهن ٿيو، ۽ اڀريو تارو.

(هيءَ بيت ڇپيل ڪتاب جي ڪهڙن صفحن تي اينداُ، سا خبر نه آهي. هي مقدمو ڪتاب تيار ٿيڻ کان اڳ ۾ لکيو ويو آهي.)

**سنڌ ۾ سومرن جا تخت گاهه:** سومرن جا ڪي اوائلي ماڳ مڪان ته اڳيئي مٿي بيان ٿي چڪا آهن. سندن پوري تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ به هنن جا تخت گاهه هميشه ڦرندا گهرندا ٿي رهيا آهن. انهن جو ڪوبه هڪڙو ۽ مستقل تخت گاهه ڪڏهن به قائم نه رهيو آهي. اروڙ ۽ ان بعد برهمڻ آباد ڇڏڻ کان پوءِ ٿريءَ ۾ اچي گڏ ٿيا. محمد سومري (1251-1256ع) پنهنجو تخت گاهه وري مهاتم تور (محمد طور) ۾ قائم ڪيو. تيرهين صديءَ ۾ وري سومرن جي طاقت جو خاص مرڪز، ڪڇ ۽ سنڌ جي سرحدن تي ’وڳهه ڪوٽ‘ واري مشهور قلعي ۾ قائم ٿيو. انهيءَ جي قريب ئي ’ڪوُنر سر‘ جي قديم ڳوٺ ۾، جيڪا اڳي گجرن جي هڪ ننڍي بستي هوندي هئي، هنن اتي پنهنجا محل ماڙيون تعمير ڪرايا ۽ اها ’روپهه ماڙي‘ جي نالي سان مشهور ٿي. اتي سندن عيال رهندا هئا. هن ئي دارالحڪومت جي حفاظت ڪندي، دودو راءِ دلاور، سنه 1300ع (۽ ڪن جي اندازي مطابق وري 1313ع) ڌاري علاؤالدين جي افغان لشڪر هٿان شهيد ٿيو هو.

مگر ڪو اتي ئي معاملو ختم ڪونه ٿي ويو. هن لڙائي کان

سڳهو ٿي پوءِ (چوڏهين صديءَ ۾ ) سومرن وري عمرڪوٽ کي ٻيهر آباد ڪيو. جتي عمر سومري، جنهن ماروئي قيد ڪئي هئي، تنهن سنه 1355ع کان وٺي 1390ع تائين حڪومت ڪئي. هن بعد ٻونگر 'تيون' (1390-1400ع)، ۽ همير، جيڪو مومل واري 'مينڌري' جو ڀيڻويو هو، تنهن 1400ع کان 1440ع تائين حڪومت ڪئي. عمرڪوٽ جو ته هيءَ آخري بادشاهه هو. پر ڊٺ جي مُرتد سومرن سان ته محمود ٻيگڙي جون، سنه 1471ع تائين به تاريخي لڙايون ثابت آهن. اهڙيءَ طرح سندن ٻيا به ڪي خاندان ۽ انهن جا تخت گاهه تاريخن ۾ ملن ٿا. تنهن ڪري هن ساري جائزي وٺڻ کان پوءِ به هيءَ محسوس ٿئي ٿو، ته سومرا حڪومت جو مڪمل سلسلو جوڙي ٻيهارڻ قدري ڏکيو ڪم آهي. انهيءَ جو غالباً هڪڙو ئي سبب هي آهي ته: هن حڪمران قوم جي متعدد خاندانن، مختلف اوقتن ۾ ۽ جدا جدا جاين تي پنهنجيون پنهنجيون الڳ حڪومتون پئي قائم ڪيون ۽ بدلايون آهن. هيئن به آهي ته ساڳئي اوقت ۾ ئي، هڪ کان وڌيڪ سومرا حڪمران، هڪ ٻئي جا دنگئي يا پاڙيسري حاڪم پڻ رهيا هجن!

**دوداڻي خاندان:** هنن مان وڳهه ڪوٽ واري گهراڻي جي ڪڇ ۾ ڪيئن ۽ ڪڏهن حڪومت قائم ٿي آهي، تنهن لاءِ پڻ تاريخن ۾ مختلف رايا ۽ روايتون آهن. ڪن هندو تاريخ نويسن ته لکيو آهي ته: سومرن ۾ روبو ۽ ويڳو ٻئي ڀائر هئا، جن رُوپاهه ماڙي ۽ وڳهه ڪوٽ قائم ڪيا هئا. پر هيءَ ڳالهه فرضي نظر اچي ٿي. ڇو ته ٻونگر راوَ جي راڻيءَ جو نالو، مشهور عام روايتن توڙي تاريخن ۾ 'رُوپا' اچي ٿو. جنهن لاءِ مشهور آهي ته هن جي محلات 'روپا ماڙيءَ' جي ڪرڻئي سڄي شهر تي به اهو نالو پئجي ويو.

هن گهراڻي کي پاڳو پان ته پنهنجي رزميه داستان ۾ بار بار دوداڻي سڏيو آهي.

**علاؤالدين جون فوجي سرگرميون:** سلطان علاؤالدين خلجي، پنهنجي حڪومت جو سڄو ئي عرصو (1297-1316ع)، مختلف محاذن تي جنگين ۾ رڌل رهيو. ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جي لڙاين، ۾ سندس ٻئي وڏا سپهہ سالار، الغ خان ۽ نصرت ملڪ موجود هئا. تنهن کان سواءِ تمر بيگ، نذر بيگ ناملدار، ظفر خان، محمد خان پٺاڻ ۽ ماڌن راءِ به هن محاذ تي مشغول هئا. ڪاٺياواڙ جي سومنات مندر ۾، محمود غزنويءَ کان پوءِ وري الغ خان 'بت شڪن' بڻيو. سندس ٻئي مشهور جنرل، ملڪ نصرت خان وري گجرات فتح ڪيو. ماڌن راءِ (ماڌو راءِ)، جيڪو اصل ۾ ڪرن واگهيلي جو وڏو وزير هو، تنهن (سنڌ جي ڄام جوڻي وانگر) غداري ڪري، وڃي پٺاڻن جو پاسو ڪنيو ۽ سلطان علاؤالدين جو فوجي مشير مقرر ٿيو. هن جنگين ۾، ڪماري ڪنولا ديوي قيد ٿي خلجي ڇانوڻيءَ ۾ پهتي، جتي علاؤالدين سان سندس نڪاح ٿيو.

هنديءَ ۾ جيئن تہ 'ڪنول' کي پدماوت چئبو آهي، تنهن ڪري ملڪ محمد جائسي نالي هندستان جي هڪڙي عظيم شاعر، هن ئي ساگر ديپ جي سُندريءَ کي پوءِ (1540ع) ۾ 'پدمڻي' جو لقب ڏيئي، 'پدماوت' نالي سان پنهنجو مشهور منظم افسانو اسرايو. تنهن ۾ تاريخي اسباب کان قطع نظر ۽ افسانوي جي تقاضائن جي مدنظر، ڄڻ تہ سلطان جي هن سڄيءَ مهم جو مقصد ئي محض پدمڻيءَ کي حاصل ڪرڻ جو هو.

**سومرن سان لڙائي ڪٿي لڳي:** هي تاريخي حقيقتون هن لاءِ پيش ڪيون پيئون وڃن تہ جيئن اندازو ٿي سگهي تہ وڳهہ ڪوٽ واري واقعي وقت علاؤالدين جو لشڪر ڪهڙي پيڙيءَ تي موجود هو. ڇو تہ عام طرح سان ائين سمجهيو ويندو آهي تہ علاؤالدين دهليءَ کان لاهور واري واٽ وٺي، ملتان وٽان اچي سنڌ ۾ وارد ٿيو ۽ هيءَ جنگ ماتيلي ۾ لڳي هئي.

مٿي اشارو ڪيو ويو آهي تہ هيءَ لشڪر ماڌو راءِ (ماڌن وزير)

جي سونهپ سان سنڌ ۾ پهتو. واضح هجي ته ماڏو راءِ هتي جو مقامي باشندو ۽ گجرات جي راجا ڪرن واگهيلي جو وڏو وزير هو. تنهن کان سواءِ چنيسر ناراض ٿي نڪرڻ وقت به پهريائين شڪار جي بهاني سان 'بڪار' جي ٻيلي ڏانهن وڃڻ جو خيال ظاهر ڪيو هو. اهو بڪار وارو شڪارگاهه به موجوده ننگرپارڪر تعلقي ۾، ماروي جي ملير واري ٿي چراگاهه سمجهڻ کپي. خود ڀاڳو ڀان جي بيان مطابق به اول 'ويرا واهه' وٽ ئي جنگ چالو ٿي آهي- جغرافيائي اعتبار کان، ويرا واهه جو محل وقوع پڻ ڪڇ-گجرات جي سرحد لڳ، ننگرپارڪر تعلقي (ضلعي ٿرپارڪر) ۾ آهي.

ممڪن آهي ته چنيسر جي دل ۾ فوراً فوجي امداد وٺڻ وارو خيال پڻ، سرحد جي لڳ لشڪر جي موجودگيءَ سبب ئي پيدا ٿيو هجي ۽ دودي راءِ جو به هڪدم هن جي پٺيان ماڻهو موڪلي، ڪيس ٻوٿتي موٽائڻ ۾ شايد هن فوري فساد کي ئي روڪڻ جي هڪڙي ڪوشش هجي! عين ممڪن آهي ته چنيسر پنهنجو پهريون فرياد به هن ئي ڇاوڻيءَ ۾ داخل ڪرايو هجي! جڏهن ته ماڏو راءِ به هن موقعي تي چنيسر جي وڏي مدد ڪئي ۽ غنيم جي اڳيان زوردار لفظن ۾ هن جي سفارش ڪئي هئي. پر ڪٿي فرض ڪجي، ته علاؤالدين هن ڪئمپ تي موجود ڪونه هو، ته به چنيسر کي دهليءَ ۾ فقط جنگ جي آخري منظوري وٺڻ لاءِ ئي وڃڻو پيو هوندو. ظاهر آهي ته دودي ۽ چنيسر جي وچ ۾ نزاع پيدا ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي، وڳهه ڪوٽ خلجي فوجن جي نظرن ۾ هو ۽ ماڏو راءِ هنن کي اڳتي وڌڻ لاءِ آماده ڪري رهيو هو. چنيسر جي فرياد ويتر هنن جو حوصلو وڌايو.

**جنگ جي صورتحال ۽ انجام:** هاڻي شاهي ڪٽڪ اچي ويرا واهه وٽ ڪٺا ٿيا آهن. تن ۾ تمر بيگ، ملڪ نصرت، نامدار بيگ، الغ خان، ظفر خان، محمد خان 'هنبس' پٺاڻ، چنيسر ۽ ماڏن وزير وغيره، سڀئي موجود آهن. انهن شاهي فوجن کي سامهون ٿيڻ لاءِ وري چنيسر جي

ڪيتري قدر حقيقت پسنديءَ جو مظاهرو ڪيو آهي ۽ سندس بيان تاريخي حقيقتن سان ڪيتري قدر موافقت رکي ٿو. اول ته هتي اهو سوال ڪوبه سمجهدار ماڻهو ڪونه ڪندو. ڇو ته انهيءَ معيار تي ته خود فردوسيءَ جهڙو عالم پڻ پورو بيهي نه سگهندو. اگرچ مٿي ڄاڻايل حقيقتون ته هن جنگ نامي جي موافقت سان ئي لکيون ويون آهن، تاهم تاريخدان ۽ رجزگو، به علحده شخصيتون شمار ڪرڻ گهرجن. رزم نامي کي پنهنجيءَ جاءِ تي پنهنجي الڳ حيثيت ۽ پنهنجو خاص مقام حاصل آهي، جنهن کي انهيءَ حيثيت سان ئي ڏسڻ جڳائي. انهيءَ ڪري رزم خوانيءَ جي اصليت ۽ بنياد بابت هن هيٺ وڌيڪ وضاحت ڪجي ٿي.

**رزم خوانيءَ جي ابتدا:** سنڌ ۾ غنائي شعر ته عربن جي آمد کان اڳي ئي هلندڙ هو، جو سماٽ قبيلن غازي محمد بن قاسم جي استقبال ۾ اچي ڳايو هو. پر جي هتي رڳو رزم جو ئي بيان ڪجي ته: سنڌ ۽ راجستان ۾ هنن جنگي داستانن جي شروعات اسلام جي اوائلي فتوحات واري زماني سان ٿي آهي، جنهن جا آڳاٽا اهڃاڻ اموي دور خلافت جي خاتمي ۽ عباسي عهد خلافت جي آغاز (750ع) کان ملڻ شروع ٿين ٿا. خليفي مامون الرشيد جي دور خلافت (813-833ع) ۾، سنڌ جي واليءَ موسيٰ بن يحيٰ (بن خالد)، راجستان تي حملو ڪري چتور جي راجا کماڻ راءِ کي قتل ڪيو هو. 'ديش وجيه' نالي ريگستان جي هڪڙي چارڻ، پنهنجي رزم نامي 'کماڻ راسو' (870-890ع) ۾ هيءَ واقعو بيان ڪيو آهي. هن موضوع تي اهو پهريون ئي داستان دستياب ٿيو آهي. انهيءَ واقعي جي تصديق ڪرنل جيمس ٽاڊ پڻ پنهنجي ڪتاب (Annals & Antiquities of Rajsthan) ۾ ڪئي آهي.

اهڙا رجزيه داستان جن کي ٿر ۽ راجپوتانا ۾ 'راسو' (رزم نامو) سڏيو ويو آهي، سي ته سلطان محمود غزنوي ۽ محمد شهاب الدين غوريءَ جي فتوحات کان وٺي ويندي سلطان علاؤالدين خلجيءَ جي ڪاهن تائين به عام جام ملن ٿا. هنن ۾ تاريخي حقيقتن کان زياده، راجائن جي

انڪار ڪندي به رڳو سندس روايت کي ئي تسليم ڪجي، ته اها ان کان به وڏي حماقت ٿيندي. انهيءَ سبب هتي سندس سوانح، شخصيت ۽ حسب نسب جي باري ۾ هر ممڪن تفصيلي بحث ڪجي ٿو.

**ڀاڳو ڀان جو ڪڙم قبيلو:** ڀاڳو ڀان جي گهراڻي جو تعلق انڊو پاڪستان جي هڪڙي مشهور ۽ قديم ڀٽ قوم سان آهي، جنهن کي ڀان (ڀانڊ)، ڀٽ (ڀنڊ)، ڀاٽ ۽ ڀارٽ وغيره جي مختلف نالن سان به سڏيو ويو آهي. جهوني جڳ ۾ جڏهن اڃا لکڻ جو هنر هتي چالو نه ٿيو هو، تڏهن به هن قوم جي سگهڙن ۽ سچاڻ راوين جو مان مرتبو ڪو برهمڻ کان گهٽ ڪونه هوندو هو. ڳائڻ وڄائڻ ته سندن خاص ابائڻو ورثو هو، تنهن ڪري غنا، سنگيت ۽ موسيقيءَ ۾ به وڏا ماهر هوندا هئا. تنهن سان گڏ ئي، خانداني رواج مطابق وري ننڍپڻ کان ئي ادبي ۽ تاريخي ڳالهيون برزبان ياد ڪرڻ به، هنن لاءِ ڄڻ ته هڪڙو لازمي نصاب هوندو هو. انهيءَ ۾ هنن جي حافظي کي هڪڙي قسم جي خاص مشق ٿي ويندي هئي. هند- سنڌ جي خاص قبيلن ۽ راجائي گهراڻن جي ڪيترين ئي پيڙهين تائين سندن شجرا، هنن کي برزبان هوندا هئا. انهيءَ قسم جا ڪئين نسب نامه، جن کي هو پنهنجي مخصوص محاوري ۾ 'ڪبت' ڪوٺيندا هئا، اڄ به سندن پوين وٽ قدري محفوظ آهن. انهيءَ سان گڏ وري اڳئين زماني جي راجائن جا خاص ڪارناما، ۽ تاريخ جا وڏا واقعا به هنن کي ازبر هوندا هئا.

تاريخ جي ايڏي وسيع معلومات، راڄنيتي آزمودي، شعر و ادب جي مهارت ۽ ٻين ذهني صلاحيتن جي بناء تي، شاهي دربارن ۾ به هنن جي وڏي عزت ۽ هلندي هئي. (خود اڪبر بادشاهه جي دربار ۾ به گنگ ڀٽ، منوهر داس، بيربل ۽ نرهري جهڙا سچاڻ ڀٽ موجود هئا). بادشاهن جون پاڻ ۾ منيون مائٽيون ڳنڍڻ ۽ سندن وچ ۾ سڱ بند قائم ڪرڻ جو ته هنن وٽ ڄڻ ڪو خاص محڪمو هوندو هو. انهيءَ ڪري سفارتي امور به ازخود ئي سندن اختيار ۾ اچي ويندا هئا.

ياد رهي ته اهڙن اهم قومي ڪارنامن کي سانڍڻ ۽ انهن جي ياد قائم رکڻ لاءِ، اڳئين وقت جا هي پٽ ۽ چارڻ، منگتا ۽ مڱڻهار، ڏوم ۽ لنگها، توڙي سيوڪ ۽ پنچولي سدائين سرگرم عمل هوندا هئا. جنهن زماني ۾ ڪتابت جو ڪو رواج ڪونه هو ۽ ڪنهن به ڪتبخاني يا پبلڪ لائبرري جو ته اجا ڪو وجود ئي ڪونه هو، تڏهن جا هي ڀارت مڱڻا چئي ته هڪڙي قسم جا گشتي ڪتبخانه ۽ گهمندڙ ڦرندڙ عوامي لائبرريون هوندا هئا. انهيءَ زماني جا هي ڀانڊ ۽ ڀِڪِهير (ڀاٽيا)، اهڙا اهم تاريخي واقعا نه رڳو عوام تائين پهچائڻ لاءِ سهيڙيندا هئا، پر پنهنجي اولاد کي پڻ ياد ڪرائي، وصيعت جي طور تي انهن کي ورثي ۾ ڏيئي ويندا هئا، ۽ اهي وري وڏيڪ سوڏي سنواري، ايندڙ نسل کي پهچائيندا هئا.

اهڙي لاڳيتي سلسلي کي سمجهڻ خاطر، هتي رڳو چند بردئي چارڻ وارو ئي ’راسو‘ ڪئي مثال واسطي وٺون. هن لاءِ هندي ساهت جا سڃاڻ چون ٿا ته: چند بردئي هن روايت جو رڳو بنيادي روپ (اوائلي خاڪو) آزاد جهونگارن ۾ ئي آلاپي ويو. انهيءَ کي تال وجت ۾ ڳائڻ ۽ سرتار ۾ ويهارڻ وارو ڪم وري پنهنجي پٽ ’جلهڻ‘ جي سر تي ڇڏي ويو. جنهن وري هن کي چند سنگيت جي پوري پابندي ۽ تال ترنم جي ضابطي سان ڳائي وڄائي، پنهنجي پٽ سارنگ ڌر جي سپرد ڪيو. اهڙيءَ طرح هن جي نماياں نظمي صورت وچي سارنگ ڌر جي زماني (بڪرمي1357) ڌاري مڪمل بيٺي آهي. اهڙو لاڳيتو سلسلو اڳتي جاري رهندي، هندستان جو هيءُ عظيم جنگي داستان پورين پنج صديون پوءِ به، رڳو پيشه ور ڳائڻن جي ئي تنوارن ۾ تڳندو ۽ سندن زبان تي ئي زنده رهندو آيو. تان جو سنه 1700ع ڌاري پهريون ئي دفعو، ميواڙ جي ٺاڪر امر سنگهه هن کي قلمبند ڪرايو. اسين ته پنهنجي هن قومي ڪارنامي کي ويندي ويهين صديءَ تائين به نظرانداز ڪندا پئي آيا آهيون. هن جو سبب وري به ساڳيو ئي: قديم ادب جي بي قدري ۽ اوائلي تاريخ جي بنيادي حقيقتن کان بي خبري آهي.

راجستان ۾ اهڙا قومي واقعا 'کيات' جي نالي سان سڏيا ويا آهن. جنهن جي لفظي معنيٰ آهي 'روايتي تاريخ' (Traditional History). ڪرنل ٽاڊ واري مشهور ڪتاب 'تاريخ راجستان' جا به ڪيترا ماخذ اهڙا ئي کيات آهن. جن کي پيش ڪري، صحيح نتيجا قائم ڪري، هن پنهنجو هيءَ معياري علمي شاهڪار مڪمل ڪيو. رکو هن ئي مثال ۾ به اسان لاءِ وڏي عبرت موجود آهي، ته "ويچارا هي ڏان بيکيا تي گذر ڪندڙ منگتا، اسانجو ڪيترو نه قيمتي سرمايو، صدين کان سانديندا پيئي آيا آهن،" ۽ اسين فقط انهيءَ کي 'فرسوده' ۽ 'دقيانوسي' چئي، پنهنجي جان بچائيو پيا هلون. گويا انهن جي هستيءَ کان انڪار ڪرڻ ۾ ئي اسان جو بچاءُ آهي.

## دودي چنيسر جي داستان جو اسرڻ: پونگر جي خاندان

سان جيڪا پاکو پان جي وابستگي ۽ والهانه محبت هئي، تنهن جي مدنظر وکهه ڪوٽ واري شڪست هن لاءِ هڪڙو ناقابل برداشت صدمو هو. بلڪ اهو حادثو هن لاءِ هڪڙي قسم جي سوداءَ کان گهٽ ڪونه هو. هاڻي هو هنڌين ماڳين پتڪندو ۽ هيءَ دردناڪ داستان در در تي ڳائيندو نظر اچي ٿو. اهڙيءَ طرح دودي متعلق سڄي ملڪ ۾ مقالون مشهور ٿيون ۽ سندس بهادريءَ جون حڪايتون به چوڌاري پکڙجي پيئون. هڪڙي عظيم سپهه سالار جي حيثيت ۾ پٺاڻ جي شاهي فوجن سان هن جو مردانه وار مقابلو ۽ هڪڙي سورهه سردار جي حيثيت سان ميدان ۾ سر ڏيئي سرهو ٿيڻ، عوام لاءِ به عظيم ڪارناما هئا. تنهن ڪري دودي راءِ جي شهادت ۽ سندس قربانين عوام وٽ به وڏي قدرداني ۽ همدردي حاصل ڪئي. عوام جي ايڏي همدردي، توجهه ۽ دلچسپيءَ وري پاکو پان جي غمزده گهر ۾ ويتر وڏيڪ جذبو ۽ جوش جاڳايو. انهن هيءَ المناڪ حادثو هاڻي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڳائڻ چالو ڪيو. اهڙيءَ طرح سان هن حڪايت جو بنيادي خاڪو توڙي اوائلي متا ۽ ساخت، اول سندس ئي ڪٽنب اندر قائم ٿي آهي.

ننگر لاڏلي جي ڪُنئار (دودي جي دُختر)، شهزادي سونل جيڪا وناهه ۾ ويٺل هئي، سا به هن آخري الوداعي واسطي پڙڪو ڏيئي اٿي ڪڙي ٿي- سا

وِلهٽي اٿي وِچ جيئن، ناز پري نيڪر،
ڪانئي ٿي ڪنوڻ جيان، ڏيءُ دودي دختر.

هوءَ ننگر کي ننگ وجهي ٿي، ماءُ جون آسون اميدون ياد ڏياري ٿي، ڪئين انديشا آڻي ٿي، وهم ۽ وسوسا وجهي ٿي:

تو ننگر ڳانو ٻانهن ۾، تنهنجي وني ويٺي وناهه،
چاچڙيءَ ڳهه گهڙائيا، سي گهڙيا ڪيئن رهيا،
امڙ ڏيج رڱائيا، سي رڱيا ڪيئن رکيا،
متان ڪارا ڏيندين ڪپڙا، ائين ڪندو ڪيئن خدا!

ليڪن ننگر گهوٽ ڇڳير، پنهنجا آخري الفاظ هيئن چئي، روانو ٿي وڃي ٿو ته- هاڻي

”ميڙي محمد مير جي، پنهنجو نبي پڙهندو نڪاح“

ننگر نر مهمير، هاڻي پنهنجي سوٽ مُنگر کي ساڻ ڪري، اچي ويرا واهه تي ڪڙڪيو، ۽ اتي

وڙهيا ڪتارئين ڪاتئين، تا برڇيون ڀالا هڻن،
”هَڻ وڙهه“ وائي وات ۾، سي ٻولي ٻي ٿا ڪن،
تيرنهن ڏينهن ترار سان، ڪيو مقابلو مردن،
چوڏهين ڏينهن چوگان ۾، کي ديمون پيون دونڪن،
ادا، سورهين ڏينهن سُڻاءُ ٿيو، وڃي سج ڏٺو مردن!

هن حملي ۾ ننگر ۽ مُنگر، مست هاٿيءَ (ڪينور) جهڙي ڪجڪوڙ ڪندا، دشمن تي وچ ۾ واچوڙي وانگر ڪڙڪي پيا، (واچوڙي سان جڙيءَ، چڻ ڪينور گوڙ ڪيا) ۽ دشمن تي اهڙي چوٽ ڪيائون جو

ڪلنگي دارن جا چٽ ۽ تاج پڻ پرزا پرزا ٿي ويا. تنهن ۾ علاؤالدين جا به ڪيئين اُڙد ليٽائي رکيائون.

نـنگر مُنگر پـاڻ ۾، چڙهي ڪئي چوٽ،
چٽ پچي ڇيهون ٿيا ۽ گهايا ڪئين گهوٽ.

مطلب تہ رُڪ وهنديءَ هن راند ۾، ڪات ڪٽارا ڪَڍندي ۽ ڀالا ٻرڇيون هڻدي، ڪڇ جا هي ڪوڏيا وڇي ڪاري ڪلر جا مهمان ٿيا. سندن لاش ڪجهي جڏهن وڳهه ڪوٽ اچي پهتا، تڏهن دودي راءِ جي دل کي ڌڌڪو آيو ۽ افغانن تي للڪار چوائي مُڪائين. پٺاڻ اتي پچائون تا ڪن، تہ دودو به هنن جوڌن جهڙو ئي ڪو جنگي جهونجهار آهي يا ڪجهہ ڪسو متو آهي. چنيسر هنن کي پار پتا ڏيئي ٻڌائي ٿو تہ:

مُڙس تہ مُنهي جيترو، متو جنهين جو مٽ،
ٻانهون پيڙيءَ اولوان، ڇيلهہ چوپائي ڪٽ،
دودائيءَ دودل جي، ڪو شينهن جهليندو سٽ.

وري علاؤالدين کي مخاطب ٿي چنيسر چوي ٿو تہ:-

چڙهندو وڳهہ ڪوٽ مان، جڏهن پڙ منهينجو پاءُ،
ڌرتي ڏان ڏان، ڏان ڪندي، ۽ وڻ ڇڏيندا واءُ،
انهيءَ ڏينهن ڪٽڪ جو، سُڪي تہ ويندءُ ساهہ،
تنهنجا ويٺل وڙهندا ڪينڪي، ڄڻ ڪاڏا ٻوڙ پلاءُ.

هاڻي چنيسر جي ندامت:-

ڪلر ويري ڪوٽ جو، ۽ مڇيءَ ويري جار،
مرد ويرياڻي ننڊڙي، ۽ ميهريءَ ويري مينگار،
ڄمُ ويري ڄرڪو ٿئي، ۽ پکين ويري باز.

اهڙيءَ طرح هنن ڳاهن ۾- ڪردارن جا پڙڪندا جذبات، رزم جي جولاني ۽ جنگ جا قيامت خيز منظر، مهمير مانجهين جا مقابلا ۽

ڪونڌرن جي ڪسڻ جا المناڪ حادثا وغيره، بلڪل بلاغت سان بيان ٿيل آهن.

پر هتي فقط اهڙيون ئي ڳائون انتخاب ڪيل آهن، جيڪي پنهنجيءَ لکيل صورت ۾ سهڻيون ڏسجن. جي نه، ته ڪيتريون اهڙيون به ڳائون آيل آهن، جيڪي تمام ڇوٽيون ۽ساديون، سٽن جي ماپ گهٽ وڌ ۽ سندن قافيه به اڪي پوءِ نظر اچن ٿا. وري ڪي ڏکها بيت به آهن! پر اهڙن بيتن جي نڪن جو ماڻ ۽ مقدار توڙي قافيو، هر هڪ تن سٽن کان پوءِ متجيو وڃي. شايد سا ڳڻي مضمون واريون ڪي ننڍيون ڳائون هڪڙي سان ڳنڍي، اهڙا بيت بنائي ڇڏيا اٿن! ڇو ته اوائلي شعر ته تمام ننڍا ۽ مختصر هوندا هئا. طويل نظم انهيءَ وقت ۾ هو ئي ڪونه.

انهن ڳاهن جو پورو قدر ڪو ڪاغذ پڙهڻ سان ڪري نه سگهبو. ڇو ته انهن جو اصلي لطف ته ڳائڻ سان ئي آهي. اهو 'ڳائڻ' ئي ته شعر ۽ نظم جو اصلي بنياد ۽ جند جان آهي. حقيقت ۾ سُرود و غنا جي اها متحرڪ تنوار ئي آهي، جيڪا نظم کي نثر کان ممتاز (جدا) ڪري ڇڏي ٿي. هن لاءِ سنڌ جي اعليٰ مفڪر، علامه آءِ- آءِ قاضي صاحب پڻ، مغرب جي مشهور عالم ڪارلائل جو قول ورجائيندي دعويٰ ڪئي آهي ته- "شعر اهو آهي، جيڪو ڳائجي. جو ڪلام ڳائي نٿو سگهجي سو شعر نه آهي". مطلب ته ڳاهن جو اصلي بنياد ۽ روح، انشاد و سرود آهي. جنهن به شائق هيءَ ڪيڏارو ڪنهن خوش الحان رزم گو کان ڳائيندي ٻڌو هوندو، تنهن لاءِ هيءَ سچو ڪاغذي ٽڪساٽ ڄڻ ته رکو ڦيڪو بيجان ڪاريون ليڪون ئي آهن.

## فن داستان گوئي جي ابتدا ۽ تاريخي ارتقاءِ

"....الله تعاليٰ انسان کي پيدا ڪيو ۽ کيس 'بيان' ڪرڻ جي نعمت عطا ڪئي." (الرحمان). انهيءَ ڪري ادبي ذوق ته انسان ۾ ازل کان ئي موجود هو. تاريخ جي خانه بدوشيءَ واري دور ۾ به هو باهه جو مچ ٻاري،

انھيءَ جي چوڏاري ويھي رات جي رھاڻ ڪندا ھئا. خاندان جو ڪو بزرگ بعضي ته پنھنجي ابوجھائي ۽ سادگيءَ واري زندگيءَ جا واقعا ويھي بيان ڪندو ھو، يا ته وري ڪو وڏن جي واتان ٻڌل وھمي ڳالھيون ويھي دھرائيندو ھو. انھن ۾ خيالي ديو ۽ پريون، ڀوت ۽ راڪاس، توڙي جن ۽ جناور وغيره، عام و خاص ڪردار ھوندا ھئا. اھڙيءَ طرح ڏند ڪٿا (Myth) جو بنياد پيو ۽ وھم پرستي شروع ٿي، ڪي خاص ماڻھو وري پنھنجيءَ جسماني قوت يا ڪنھن دماغي صلاحيت سبب قبائلي سردار بنيا، ته بعد ۾ اھي به راڪاس ۽ ديو سمجھيا ويا!

خانه بدوشيءَ جو دور جڏھن ختم ٿيو ۽ مستقل سڪونت شروع ٿي، ته ڳوٺاڻي آباديءَ جو بنياد پيو. ڳوٺن جا وڏيرا ۽ مکي مقرر ٿيا ۽ ننڍيون ننڍيون ابتدائي حڪومتون وجود ۾ آيون، جتي روزانه رس ۽ راوتا ٿيڻ لڳا ۽ ڳھيرن (Story Tellers or Singers) جو ھڪ مخصوص طبقو اسريو. اوائلي وڏيرا ۽ مکي، پوءِ جي آکاڻين ۾ وري غيرانساني ڪردارن جي بجاءِ، ھاڻي نيم انساني حيثيت سان شمار ٿيڻ لڳا، ۽ بعضي ته انھن کي ديوتائون به تصور ڪيو ويو. اھڙيءَ طرح بطل پرستيءَ (Hero:worship) جو عقيدو اڀريو. وقت گذرندي، اھي ڳوٺاڻيون اوائلي رياستون ھڪٻئي ۾ مدغم ٿيون، ته وري ابتدائي شھري حڪومتون (City-states) اسريون. انھن جا حڪمران پوءِ عوامي آکاڻين جا علامتي ڪردار بنيا. ھنن جي ڪن قياسي ڪارنامن ۽ فرضي واقعات کي تيليءَ مان ٽنپ ٺاھي، انھن متعلق عوامي ’ڪھاڻيون‘ گھڙيون ويئون. نيٺ انھن مان وري ’بادشاھن جون ڳالھيون‘ اسريون.

مطلب ته اوائلي آکاڻين مان ڪھاڻيون سرجيون، ۽ انھن جي پيڙھ تي وري ’نيم تاريخي ڳالھيون‘ يعني اڌ-سچيون حڪايتون قائم ٿيون. ھنن حڪايتي ڪھاڻين جا ڪي بنيادي ٽانڊا، ڪن سريلن فقرن ۾ آلاپي، سنّد جي طور تي ڳايا ويا، جن کي ’ڳاءُ‘ (ڳاھ) سڏيو ويو. ھتان ئي ’ڳاھن سان ڳالھيون‘ شروع ٿيون، جنھن کي فن قصه خوانيءَ جو بنياد سمجھڻ کپي.

شاهه بهرام ۽ دولهه دريا خان وغيره (جيڪي تازو هاڻي ڇپيا آهن)، سي پرين مجلسن ۽ وڏن عام مجموعن آڏو ڏگهين ڳاهن (بيتن) ۾ بيان ٿيڻ لڳا. مگر دودي چنيسر جو جنگي داستان هنن مڙني کان وڌيڪ مشهور ۽ مقبول عام ٿيو. ان کي سنڌ جي رزم خوان مڱڻهارن ۽ رجز گو ميراثين، چوڏهين صدي عيسويءَ کان وٺي سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ڳايو وڄايو ۽ هنڌين ماڳين مشهور عام ڪيو. اهڙيءَ طرح داستان گوئي ۽ رزم خوانيءَ جو هيءُ عجيب فن، پنهنجيون ابتدائي منزلون ۽ مدارج طئي ڪندو، آخرڪار اچي ترقيءَ جي شاهراهه تي گامزن ٿيو.

پيشه ور قصه خوانن به هاڻي انهن قصن ۽ داستانن کي، محض مؤثر انداز ۾ بيان ڪرڻ جي بدران، انهن کي هاڻي باقاعدي ڳائڻ چالو ڪيو. – "قصي کي حمد و ثنا جي آداب سان، شاندار نموني ۾ شروع ڪرڻ. – داستان جي ڪن خاص واقعن کي، موزون ۽ مناسب لفظن ۽ گفتن، اصطلاحن ۽ محاورن، چوڻين ۽ پهاڪن توڙي مثالن ۽ مصراعن سان، نثر ۾ ورجائي واضح ڪرڻ. – ۽ ڳاهن توڙي بياني بيتن کي، سازن جي سنگت ۽ تال جي وچت لئي تي، گڏجي سر سان ڳائڻ". – اهي رزم خوانيءَ جي ڪمال عروج تي پهچڻ جا نمايان نيشان آهن.

قديم ڪهاڻين واريون اوائلي ڳائڻون ته ڳائڻ ۾ سڌيون سنواٽيون ۽ ساڌن سرن ۾ لس ٿي لس ڳائبيون هيون. پر پوءِ وارن خاص تاريخي قصن ۾ وري هر ڪنهن داستان جي ڳائڻ جو خاص انوکو ۽ نرالو انداز قائم ٿيو. دولهه دريا خان، ليلا چنيسر، ڏول مارو ۽ بانڪو بهرام وغيره، سڀ پنهنجي پنهنجي نرالي ڍنگ ۽ مخصوص لئي سر ۾ رچيل آهن. ليڪن دودي چنيسر جي داستان ۾ ته هنرمند ڳائڻن، هن جي انداز ۽ لهجي ۾، سرن ۽ راڳن جي گهڻي پيچ گهڙ ڪئي آهي. بنياديءَ طرح سان ته ڪوبه جنگ نامو ڪيڏاري سُر ۾ ئي ڳائبو آهي. پر هيءُ داستان ته هاڻي سورٺ، حسيني ۽ راڻي ۾ به ڳائجي رهيو آهي.

شروعاتي سازن ۾ ته فقط چمٽي، جهانجهه ۽ ٿالهيءَ جي وچت

هن ذاتي آزمودي کان علاوه به انهيءَ سحر انگيزيءَ جا ڪي ٻيا عجيب مثال پڻ موجود آهن. سنڌ جي هڪڙي وڏي رئيس (نالو ڏيڻ غيرضروري آهي)، جنهن جي بنگلي تي مقل رهاڻ ۾ فقيرن جڏهن ننگر راو جي شهادت وارا بيت ڪنيا، ته رئيس مرحوم مستيءَ ۽ جوش ۾ اچي، اوطاق جي اڱڻ ۾ بندوقن جا فائر چالو ڪيا! ڪچهريءَ وارن کي خوف زده ۽ گهبرايل ڏسي چوڻ لڳو ته 'هيءَ اسين ننگر گهوٽ جو استقبال ڪري رهيا آهيون' ـ ڪجهه سال ٿيا جو اهي فقير به هڪٻئي پٺيان چار ئي چٽا گذاري ويا.

هاڻي سنڌ ن اولاد، باوجود عام ذوق جي ڪمي ۽ مجلسن جي ڊرائيءَ جي، اڃا تائين به اهو ساڳيو رس رهائيندو اچي. تن ۾ فضل فقير جو پٽ مولا بخش هن وقت (عمر 50 سال) مڙني ۾ ملوڪ، مٺيا وارو ۽ وڏو سچاڻ فقير آهي. جمعي فقير جي پٽن ۾ وري دوست علي پنهنجي ٽوليءَ جو اڳواڻ آهي. هيءَ داستان، جيڪو اسلام آباد وارن (Folklore Research Centre) رڪارڊ ڪيو آهي، سو به دوست علي فقير جي ئي زبانيءَ ورتو ائن. هن مان ظاهر آهي ته ڊودي چنيسر جو هيءَ جنگي داستان، اڄ به سنڌ جي دهقاني ادب ۾ پنهنجي پوري آب و تاب سان گونجي رهيو آهي.

البته وڏن شهرن ۾، پڙهيل طبقي جو ڪافي تعداد اڃا تائين به هن جنگ نامي کان ناآشنا آهي. هن جو وڏو سبب فقط اهو ئي آهي، ته هيءَ ڪيڏارو فقط ٻهراڙيءَ جي ئي ميلن ملاکڙن يا اوطاقن ۽ اوتارن ۾ ڳائبو رهيو آهي، ۽ لکت هيٺ ته اڄ تائين به اچي نه سگهيو آهي. اسلام آباد وارو 'لوڪ ادب جو تحقيقاتي مرڪز'، هن تاريخي داستان کي پهريون ئي دفعو ڪتابي صورت ۾ شايع ڪري رهيو آهي. هن لاءِ مونکي سؤ کن صفحن جو تمام هڪ طويل مقدمو لکڻ جي فرمائش ٿيل هئي. جنهن جي طوالت کي ته آءٌ پهچي نه سگهيس، مگر مختصر مدت ۽ قليل عرصي ۾ مون کان جو ڪجهه ٿي سگهيو آهي، ناظرين ڪرام جي پيش خدمت آهي.

هن ڏس ۾ ته اڃا هيءَ پهرين ڪوشش آهي ۽ متعدد راوين جي مختلف بيانن مان اڃا ته فقط هڪڙي انفرادي راويءَ جو ئي بيان ميسر ٿي سگهيو آهي. اسان جا اديب جيڪڏهين چاهين ته انهيءَ کي اڳتي وڌائي، هرممڪن مڪمل بنائي سگهن ٿا. في الوقت، اسان سنڌ وارن کي هن لاءِ پاڪستان سرڪار توڙي اسلام آباد جي هن تحقيقاتي اداري جو احسانمند رهڻ کپي، جن اسانجي هن وچايل وٿ کي گمناميءَ جي اوڙاهه مان ڪڍي آڻي ڪنڌيءَ ڪيو آهي.

ڪنڌيءَ سيئي ڪن، عادي جي اوڙاهه جا،
سٽائي سموند کي تان گهوريو گهاتيئڙن،
ڪيرو ڳوٺ ڳلين ۾ پيا هُل هنگاما ڪن،
توڙ نه تانگهيا تن، هي ڪرنگها ڪارونڀار مان!

خاڪسار
محرم خان وگهامل
اسسٽنٽ پروفيسر، سنڌي شعبو
سنڌ يونيورسٽي
ڄام شورو

14- ڊسمبر، 1973ع

# اول نام الله جو

اول نام الله جو، ٻانها ٻيءُ م لڳ
لڳ ڀلي جي آسري، جنهن ٻر سارو جڳ
ري ٿنڀي ري ٿونٽين، آڳي عرش اڏايو آپ
تنهن ۾ تارا ڏيون تجلا، ۽ چوڏس چمڪي چنڊ
مالڪ تنهن جي ملڪ تي، ڪٿي صاحب جوڙيو سج
آهي مير مدني مصطفيٰ، ٻانڌين تيڏانهن ٻنڌ
پانڌين پنڌ پورا ڪري، وڃي حاجن بخشيا حج
بندا ونجانءِ راهہ رسول جي، جو دين سندو ٿي دڳ

# مڙدن آڏي مامرو ٻڌڙو ڀڳا مٿي

سومرا آهن. دودو چنيسر ٻئي ڀائر آهن. وڏو چنيسر، ننڍو دودو. ڀائرن جي ڀڳ ڏاڏي جي رکيل آ. تخت غير آباد آهي. آباد ڪرڻ گهرجي. شهنشاه بنائڻ گهرجي: دودو راڄ ڪڙم سڏي، اها ڪوشش ڪري. فقير بيت جو بيان ڪري ٻڌائي:

ٻاٿي ٻاٿي (۱) ڏينهڙا، لڳا ڀونگر راءِ سٿي
مڙدن آڏي مامرو (۲)، ٻڌڙو ڀڳ مٿي
خوني خط خلل جا، ويهي لکيا دودل راءِ
هڪڙا ڪڇ ڪاڇي ڏي ويا، ٻيا مارئلي ٻم مٿان
هڪڙا جيسلمير ڏي، ٻيا ٻاهڙميل (۳) مٿان
ڦري آيا اجمير ۾، ڪري جاڙيجا جٿا
چنو چڙهي آيو آ، ٻٽي ته تنهن جو ڀاءِ
راڄڙ روڪي آيو آ، ٻانڪو (۴) ٻند مٿان

(۱) ٻه ٽي، ٻه ٽي. (۲) معاملو. (۳) هندستان جي هڪ شهر جو نالو. (۴) بهادر، جوڌو.

دودي ديهون (١) آنديون، وڳنهه ڪوٽ (٢) وچان
دودو مڙدن ڪي ميڙا ڏيوي، ڏيوي گهوڙن داڻو گاهه
سما مليا هٿا سومرا، اچي ڳڏ ٿيا امراءُ.

دودي دل ۾ خيال ڪيو آ. تخت غير آباد آهي. آباد ڪرڻ گهرجي.
شاعر ٿو چوي:

ٻاڌي ٻاڌي ڏينهڙا، لڳا پونگر راءُ سڀي-

پونگر راءُ هنن جو ڏاڏو هو. سندن پيءُ ڏورن ۽ گجرن جي لڙائيءَ ۾
مارجي ويو هو. ڀڳ رهيل هئي. ڪنهن نه ٻڌي هئي. هاڻي لائق ٿيا
آهن. دودو، چنيسر ۽ ٽين پيءُ ڀاڳهي شهزادي آهي.

سنڌ جي سردارن کي دودي جا خط مليا آهن. هو وڳنهه ڪوٽ ۾
دودي جي دعوت تي اچي حاضر ٿيا آهن.

حال احوال پڇيائون:

”دودا ڪر خبر، ڇو گهرايو؟“

دودي احوال پيش ڪيو. پائر احوال ٻڌي، ويهي ڇڳو چوندين پاڻ ۾.
فقير بيت جو بيان ڪري ٻڌائي:

پاڻرن پهيو پاڻ ۾، ڪئي سردارن صلاح
آهي دودو ڏاڏي پوٽي مان، چنيسر ليچ لوهار (٣)
پڳ ڏيو دودل راءُ کي، جنهن سر جوڙ جڳاءُ

پائرن ويهي پاڻ ۾ پهيو. ڪهڙي صلاح ڪيائون؟

دودو آ ڏاڏي پوٽيءَ مان، چنيسر لچ لوهار
پڳ ڏيو دودل راءُ کي، جنهن سر جوڙ جڳاءُ

(١) نوجون. (٢) سومرن جو تخت گاهه، جنهن جا بدين جي پرسان اڃا تائين آثار
موجود آهن. (٣) چنيسر جي ماءُ لوهاڻ هئي.

سو تہ سالڪ چيو آ-

اصل پاس اصيل جي، غازي گڏ گذار
ويھ نہ ڪري ڪڌھن، توڙي تپي ٺڏي تار
تن تنين سان گھار، جيڪي اصل اشراف آھن

”دودو تاجي پيٺي پٽ آھي. پڳ جي لائق آھي.“

اھا ڪچھريءَ ۾ سڀ سڀ ھلي.

چنيسر ٻڌي، دل ۾ خيال ڪيائين:

”آءٌ وڏي ھوندي، دودو پڳ ٻڌندو؛ دل ۾ ڏک ٿي پوندو. وڃان ھليو-ڪاڏنھن ٻاھر. دودو پڳ ٻڌي، راڄ وچي ھليو، پوءِ وري اچان.“

شڪار جو بھانو ڪري ٻڪار (١) جي ٻيلي ۾ چڙھي ويو.

دودي کي پويان نوڪرن ٻڌايو تہ چنيسر ناراض ٿي، گھوڙي تي چڙھي، ٻڪار جي ٻيلي ۾ ھليو ويو آھي.

دودي دل ۾ خيال ڪيو: ”ڀائي ھوندي تيَم (٢) روا ناھي. وڏو ويٺو آ. ھاڻي راڄ مون کي پڳ ٻڌائيندو. آءٌ راڄ جي ويٺي چنيسر کي پڳ ٻڌايان تہ ڏسيو وڃن“.

اِھو اصل نسل جو فرق آ.

دودو ڀائرن وٽان اٿي، چوريءَ خط لکي، چنيسر کي گھرائي. فقير بيت جو بيان ڪري ٻڌائي:

خيري خط ڪلل جو، ويھي لکيو دودل راءِ
ادا! ھي پيڙھي ھي پاگڙي(٣)، تو سر جوڙ جڳاءِ
اچي ڏي تون پير پلنگ تي، ويھ منجيءَ تہ موڙي پاءِ (٤)
اڄ تہ ڀائر پرچون پاڻ ۾، ٻيا راڄ ڪندا مون کي چا!

(١) لنگرڀارڪر ۾ ھڪ ڳھاٽو ٻيلو. (٢) ڀائيءَ جي اٿاٿ ڪري، خشڪ وضو.
(٣) پڳ. (٤) وڏو ٻڳدار پاءُ.

ڀھريون ڀيچ ڀريت جو، ڏنو ڏانھہ دودل راءِ
سائين! عقل ناھي امير کي، جنھن سان بخت نہ ٻڙو آ
لاٿو ابليس تخت مٿان، نہ تہ ٻيڙھي مٿي پتشاھہ –
”ٻوءِ ٻڌندس ڀاڳڙي، ڀرين ڀچان جيجل ماءَ“

## ٻڌل پڳ ڪٽي لاٿائين

پڳ ڪڇڻ وئي. خوشيءَ ۾ ساز وڄڻ لڳا. ٻہ جامہ ورني پڳ سوني ٿالھہ ڪڇي آئي.

پلا جي پڳ ڪڇي آئي، تہ دودي چا ڪيو: چوندي هٿ ۾ ڪري، چوڻ لڳو، ”بسم الله. ٻڌ پڳ. سڱھہ چوڙين سڱھہ مائيناً.“ هڪ ٻہ ور ٻہ ڏنائين.

پر چنيسر کي اندران ابليس ارادو پيدا ڪيو–

ڪهڙو؟

”راڄ ڪڙم، ديسي پرديسي، وزير وڪيل سڀ ٿا چون تہ دودو پڳ ٻڌي. دودو ٿو چوي تہ چنيسر پڳ ٻڌي. هاڻي ڪنهن هڏ ڏوکيءَ کان پڇان تہ پڳ ٻڌان يا نہ ٻڌان.“

اها دل جي ڏوڙ ڪيائين. دل جي دوڙ ڪندي، اُنهيءَ جاءِ تي پنهنجو روحاني ارادو آٿي بيهارياڻون تہ ”ماڻٿ آهي، جيجل ماءُ آهي، جنهن چٽي ڏيھہ ڏيکاريو آ. انهيءَ کان ٻہ ڪونہ پڇيو اٿم تہ پڳ ٻڌان يا نہ ٻڌان. هاڻي ان کان پڇي اچان تہ پوءِ ٿو پڳ ٻڌان.“

ٻڌل پڳ ڪٽي لاٿائين.

راڄ ڪڙم چوڻ لڳو: ”دودا امان اڳي ئي پٺي دانهون ڪيون. جيڪو ماءُ کان پڇي پڳ ٿو ٻڌي، سو سياڻي لڳيون، جنگيون جهيڙا، اهو فتح نہ ڪندو.“

”جيسين نہ ڇاڻو ڏئين، فقير پير، تعويذ ڦل، ڪئين اوليائن تي باسون باسيم تہ اولاد ٿئي. پر ڇائي ڪان پوءِ آءٌ سمجهان تہ اهي پورهيا صاب نہ ٿيا.

ڏمي مهينا پيٽ ۾، مون تہ ناحق سور سٺا

”پر نہ نہ منهنجو ڏينهن نہ آيو آ.

هاديءَ هٿ هدايتون، پٽ پرور ڪئين پيدا

”ڇمي پئين. مون ڇا ڪيو.

تنجيم ٿي ترار سين، پري دکا ڪان وڏا

”ترار سان تنجيم تہ ڏاڍو مڙس ٿيندو. ترارون ڪٽي، ڪان پري، مکڻ جا ٿي وات ۾ وڏامانءَ. ڇو ٿي ائين ڪيم نہ.

جوان اوهان جي جنگ ڪرڻ، آڏ وڏائي آهي
هاٿي ڊڊا ڊاکر وڪٽي، ڪمي ڏڻ رڊن جو ڏار
رڊون چرن ربڻ ۾، پٽ کهڏيو کهيتا وار
ڳاڙهو لڪڻ هٿ ۾، ڊريو ڊيري ڊار
پوءِ ماڻهين ماهيارو ڪندي، دودل جي دربار
پيا پيٽ پرندا، ڪندا مون لسي وڪٽي جي ڪار

”ابا ڏنار ائين ڪندا آهن. شهنشاه بادشاه ائين نہ ڪندا آهن.“

هاٿي کهڙو جواب ڏي ڇنيسرا

## نار ڇبو تنهن نرڪي، آءٌ ”ڊيڻ ڇنيسر ڀاءُ“

ڇنيسر جي لڄ. سا بہ پنهنجي ست ساهيڙين سان ويٺي آ. پنهنجي ٽولي ان کي واجهائي ٿي. ”مائي، مڙسهين سوپ ڪٽيو، ڪوٽ جي در تي ويٺو آ.“

صا آئي. اهڙ ست ئي پنهنجي وارث سان ڳالهائين. فقير بيت ۾ بيان ڪري پڏائي:

شهزادي ٻاڪَري پڙڪو ڪائي: ”اي دودا پهلوان، پڳ ٻڌي، تخت تي آرام پيو ڪرين!“

هاڻي چنيسر ڪاوڙجي اچي لڪي باغ لٿو آ. ترار جي ٽيڪ آ. گهوڙو قاعدي ۾ آ. اندر ۾ درياهه واري لهر آ ته ”هي ڇا ٿيو؟“

سالڪن چيو آ:

”ڪڏهن ڏنو سين ڪين ڪي، سورهيه سياڻو“

پهلوان کي عقل گهٽ ٿيندو آ. پلا جي عقل وارو هوندو ته پهلوانيءَ سان انصاف ڪيئن ڪندو!

اڻين چنيسر لهرن ۾ آ.

هوڏانهن دودو اٿيو. پڳ مٿي ۾ ڏنائين- ”پڳ الائي ڪنهن وڌي مٿي ۾! هاڻي خيرون صلحون پڳ مٿي ۾ پنجي وئي. سا لاهبي ڪانه ڪا.“ اکيان ڪڙم پاڻرن جو ڏسي، هڪل ڪيائين:

آهي ڪوجو اُٺي وجي، منهنجو ادل وراڻي آ
آءٌ سيڪهن کي سونيون ڏيان، چڏيان لوهيون لهرائي
اهي ديرا ۽ جاگيرون، اچي خان ڪني ۽ ڪاڻي

ڪنهن به جواب نه ڏنو.

## چنيسر ۽ هالاڻين جو مقابلو

حيدر نالو آهي. ان جا پُٽ آهن- ست. تن جو اهو ئي رب کي سوال آ ته ”رب العالمين دودو يا چنيسر شڪار تي چڙهن يا ڪُشتي ڪن. هڪڙي کي ماري وجهئون ۽ ٻئي کان پڳ کسيون.“ سي ٽپ ڏئي اٺي تيار تي چوڻ لڳا:

”دودا پهلوان، اسان کي موڪل ملي. اسين ورايون“

”ادا، اوهان کي اجازت آ.“

آچيندين. آءٌ نہ وران، جيسين آلادين کي ونئي اچي تنهنجي راڻي تنهن جي پاسي مان نہ ڪڍايان، تہ منهنجو نالو چنيسر ناهي."

پهلوان (دودي) جنهن آزيون نيزاريون ٻيئي ڪيون، اها ڳالهہ ٻڌئين تہ سندس شهپر ڦڙڪيا. دودي جا شهپر ڦڙڪن- فقير بيت جو بيان ڪري ٻڌائي:

لڙي وچ پٽ لوهاريءَ جا، منهنجي اکين جي مهندان (١)
ڏيئي لت چڙن تـي، چري ڪڍئين نہ ساهہ
اهو پيءُ چاڙهي آ پنهنجو، جنهن کي آچين لوهر ماءُ
ست زهون ٿي سينگ ڪي، جيڪا ڪاهين ساوچي ڪاهہ
تون پورو آئج پٺاڻ(٢) کي، منهنجو سندو گهوڙن داڻو گاهہ

هڪل ڪري چتي گهور وڌائين.

چنيسر روانو ٿي ويو.

چوندا آهن تہ "ڏاڍي مڙس کي ڪاوڙ چڙهي نہ ۽ جي چڙهي تہ لهندي ٿي ڪانہ."

## چنيسر جي ابل ابڙي جي ملڪ ۾ ميهار سان ملاقات ۽ شينهن سان لڙائي

هاڻي دل ۾ خيال ڪيائين تہ آرام ڪيان. گهوڙي کي ڪجهہ ڪارايان، ٽڪ پچايان.

اڃان ٿورو اڳتي هليو. اچي ڏسي تہ تازا پاڻ تازا وٽاڻ- پر ماڻهو ڪونہ. "جت ماڻهو ناهي. اتي ان پاڻي بہ ناهي."

گهوڙي کي ورايائين. ڪپل پنڌ ڪيائين تہ آواز ڪن تي پيس:

ڪنهن جو؟

(١) اڳيان. (٢) علاؤالدين خلجي.

نڙ جو !

”اهو نہ ماڻهو وڃائين،“ ويچار ڪيائين.

گهوڙي کي ورائي ڏسي تہ اٺ ميهون، نائون پاڏو، ڍهون ميهار-کانئي ٻڌيو، نڙ وڄو وڄائي.

چنيسر مٿان اچي سلام ورايو:

”سلاماليڪم(۱)“

”واليڪم سلام(۲)“

چنيسر کي ڏنائين- پهلوان تي نظر پيس.

چنيسر پڇا ڪئي: ”ير، ڪر خبر. هن تنهنجي ملڪ ۾ رکيو هڪڙو تون مليو آهين، نہ ڪي ماڻهو، نہ ڪو مال. نہ ڪي ڳالهہ، نہ ڪا مهاڙ!“

چنيسر کي ڏسي، ميهار ڳالهہ ڪري- پنهنجي وطن جو احوال ٻڌائي.
فقير بيت جو بيان ڪري ٻڌائي:

اڻن ڪمي هئي ڪانہ ڪا، ڳڻن ڪارو ڪار
رڍن ڪمي هئي ڪانہ ڪا، ٻي ڪڪڙ پڇي تي تار
ڪيهر شينهن ڪڏي پيو، جنهن جو ڏيهن ۾ ڌڪار
ادا! هي ملڪ اٿئي ابل ابڙي جو، سڱ سڏائيندا پار

”شينهن نئين ۾ لڙهي آيا. ماڻهو مال ماري پڇي ويا.“
”تون؟“

”آءٌ ياڪيو آهيان. هن جوءِ ۾ ڪک ڪونهي. اٽڪل سان مالڙو پيو چاريان. وقت پيو پاس ڪيان؛ تون پنهنجون خبرون ڪر؟“ ميهار پڇيس.

چنيسر چيو. ”آءٌ دايو آهيان“.

چنيسر کي سومرو سڏائيندي شرم ٿئي.

(۱) السلام عليڪم. (۲) وعليڪم السلام.

”مارُ رات جو ڪري. ڏينهن جو، هڪ ڪاٺ جو سڌ آهي، ان تي چڙهيو سُتو پيو هوندو آهي.“

”چڱو هلي ڏيکار.“

ميهار کي وٺي چنيسر شينهن ڏي روانو ٿيو.

ميهار اچي شينهن ڏيکاريس. ستر وک تي اچي بيهاريائينس.

شير کي بنا هٿيار، پهلوان هڪل ڪري- فقير بيت جو بيان ڪري ٻڌائي:

أٿ ڀٽ ڀلي جا، سڀهي آيا ساءِ
دايو سڏئي ٿو دودل جو، هلي هيڏهن آءُ
هو ٻه ڪجي اٿيو ڪجمير جيئن، ڏرتي ڪيائين ڏڪاءِ
ڪارا ڪانهه ڪنڌيءَ جا، پٺيو اڇلائي ٻوڙا

پهلوان شير کي ٻلو ڇيو. شينهن تي ٻلي جي چڙ. ڪير شير کي ٻاو، چئي! پهلوان سان هٿيار ناهي. بنا هٿيار آهي.

شينهن جي ڪن تي ٻلي جو آواز پيو. شينهن ٽپ ڪاڏو. پنهنجي سڌ تان پنج ست نريون (۱) مٿي چڙهي، زمين تي پوءِ اچي لڳو.

چنيسر تي نظر پيس. شينهن حجت چڏي- ’جنهن ٻلو ڇيو آ، تنهن لاءِ ٻلو آهيان.‘

شينهن نه آيو.

پهلوان ٻي هڪل ڪري. شينهن هڪل نه سهي. پهلوان جو بنا هٿيار شينهن سان مقابلو ٿئي. فقير بيت جو بيان ڪري ٻڌائي:

ڪجي آيو ڪجمير جان، ڪري آڪم ميگهه ملهار
هٿيئين هٿ هول تي، جيئن ڪڙين ڪيا ڪڙڪا
چنبو ڪيهر جو چور ٿيو، بيٺو ڪيهر چنڊي ڪر

(۱) نولٺ ڪانٺ شهد آگر ٿائين ماپ

هڪل ڪيائين: ڀيھر تو ڀيٽا هٽين، هـاڻـي وارو منھنجو آ
ساري حضرت شاه کي، ڏيـــو هـنـيـا دسـتـا
مڪ سان ميڄالو پرزا ٿيس، پـيـڙس ڪـونـہ سـمـاءَ
عضوا تنھن ڪيھر جا، پـٽـي اڇـلائـي کـاءَ

”هيڏانھن آءُ!“

شينھن کي جو هڪل ڪيائين، تہ شينھن ٽن پيرن تي وڙهڻ وارو چنبو مٿي ڪري آيو.

پھلوان چيس: ”وارو اٿئي. متان بي مراد ٿي مرين تہ وارو مليو ها تہ ماري وڃھانس ها.“

شينھن نڪاءُ ڏڪ ڪرايو.

چنيسر کي ڪي ڪين ٿيو.

شينھن جي ڪرائي ٻہ چرخا ٿي وئي. شينھن هٿ چنڊي، پيو ورايو.
پھلوان چيو: ”نہ ادا نہ. ڀيھر تو ڀيٽا هٽين، هاڻي وارو منھنجو آ.“
شينھن هٿ جهلي کڻي ڪنڌ هيٺ ڪيو.

انسان کي تہ طاقت ناهي، جو شينھن جو ڏڪ جهلي. پر رب جو هول مٿي تي پيل هوس، جنھن ڏڪ جهليو.

ايلي (١) ڪري پھلوان سومري اڇي ٻئي دستا ٺوڪيس:

ساري حضرت شاه کي، ڏيـــو هـنـيـا دسـتـا
مڪ سان ميڄالو ويس، پـيـڙس ڪـونـہ سـمـاءَ

نڪاءُ جو مڪ هنيائين تہ شينھن جي ميڄالي جون ڦتڪيون نڪري ويون.

شينھن اڇي ڪريو.

پھلوان لت رکيو، عضوا پٽي اڇلائڻ لڳو.

(١) علي رضہ.

دودو چنيسر پاڻ ۾، ٻئي پٽ دودي سڌجن
ڀائر ٽڪريا پڳ تان، آهي راڄ رڻو راڄن
مون کي وکهه ڪوٽ ۾، تا چنيسر چون

ميهر چپ ٿي ويو. ۽ ڪن ٻچڙي (شينهن جي) کٽي رواڻو ٿي ويو.

## چينسر جو دهليءَ جي چوڌڳيءَ تي پهچڻ

پهلوان گهوڙي تي چڙهي، رواڻو ٿيو آ.

اڳتي هليو ته چودڳي ڏٺائين. چنيسر واقف نه هو دهلي شهر جو. سمجهيائين: 'پلجي ويس.' ڪي ماڻهو ايندا ڏٺائين. دل ۾ خيال ڪيائين ته اهي ماڻهو ايندا ته انهن کان پڇندو- "ادا دهليءَ ڏانهن ڪهڙو رستو ٿو وڃي؟"

هٿ ڪنيائين.

دهليءَ ڏي رستا ٻئي ويندا آهن. پر جيڪو رستو پهريائين دهليءَ تي ويندو، ان تي آدمخور وڙهندو. انهيءَ خيال سان ٻيو رستو ڦيري سان ناهيو اٿائون.

آلادين بادشاه جا امراءَ ٿي آيا. هن کي ڏسي کٽي گهوڙا جهليائون-

"پر جنهن آدمخور کان پاڻ ڦري ايندا هئاسون، الله نه ڀلائي ته سو اج گهوڙي تي چڙهيو بيٺو آهي."

هونءَ به ههڙو مڙس هنن اڳ ڪڏهن ڏٺو ئي ڪونه هو.

هن هٿ ڪنيو: "ادا مون کي ڏس ڏيو. دهليءَ رستو ڪهڙو ويندو؟"

هنن چيو، "ادا جنهن رستي تي چڙهيو بيٺو آهين."

"اوهين ڪٿان ٿا اچو؟"

"اسين به دهليءَ کان ٿا اچون."

"پلا اوهين چو اِهو پاسو ڏيو ٿا اچو؟"

آڏيون آلاڏين جون، وڏڙهي وڪ ڇري
جت چڙهيو هوتنهن ويڙهتي، پيو اُيا سڌ ڪري
پڇ نه ڪا پيٽين لهين، نه ته گهوڙي سوار مري

”اَٽ تو وڙهي.“ جت هڪل ڪيس- ”پڇَا!“
چنيسر ڪٽي گهوڙو جهليو. چي ”ادا، ڇا ٿو چئين؟“
”چوان ٿو ته اَٽ کي خبر پئي ته تون ۽ گهوڙو ٻئي چٽ.“
چنيسر چوڻ لڳو: ”رکو اَٽ ماڻهن کي ماريندو يا اَٽ جي مارڻ جو به حڪم آهي!“

جت چوڻ لڳو: ”اَٽ کي ماري وجهين ته ٻچن کي دعائون ڪنداسين. اَٽ اهڙو بدنام آهي، جو اسان کي ڏاچي به ڏُهڻ نٿو ڏئي.“
اَٽ کي خبر پوي. اَٽ چار ڏي پير ڪٽي ڇاتيءَ سان لاڏي- چنيسر جي وڙهڻ لاء اچي. فقير بيت جو بيان ڪري ٻڌائي:

ميو مستانو ٿيو، آيو ڏو ڏو ڏڏڪاري
لڪڻ لوهيڙل جو، ڏو ارڏو اچلائي
لنگهي ٿوهي پار پيس، وڃي ڏرتي ڪيائين ڏڪا
اکپ ڪريس اکتي، پوڏتي پول پري

پهلوان گهوڙو ڦيرايو. پاسو اچي ڏنائين. انهيءَ لڪڻ جي خبر ونئي لڳو، جيڪو ڪس تي وڌيو هئائين. پاسو ڏئي، پوري وچ تي جهلي ٺڪاءَ لڪڻ ڪيايائينس- جهڙي ڪچي ڏاکي مان ترار وهي وڃي. اڏ واڏ ٿي ويو.

## چنيسر جو دهليءَ پرسان راڪس سان مقابلو

اکتي روانو ٿيو.

دهليءَ تي نظر پيس. دهليءَ جا ڪوٽ ڪنگرا ڏسي- فقير بيت جو بيان ڪري ٻڌائي:

چنيسر پڇيو: ”بابا ڇا ٿا ڇئو.“

”توسان نٿا ڳالهايون.“

”ڀيو ڪنهن سان ٿا ڳالهايو.“

”انهيءَ رنڙيءَ ڪان پٽ وٺنداسون.“

”رنڙي پٽ نه ڏيندي.“

”ڀيو ڪير هلندو؟“

”آءٌ.“

”ڀلا هل تون-“

ڪيس وٺي اچي، جنگ جي ميدان ۾ رڪ جي مُن (١) سان ڀڙو اڏن-ڀڙي قابو ڪري، دهليءَ جو شهر بند ڪري، پاڻ جا ٻه جا هلايا ويا.

ڀهلوان ڏسي ته ”ير چنيسر، پنهنجو پاڻ ڀڏايو اٿئي- هاڻي ڇا ڪندين!“

وٺي آيلي آيلي(٢) ڪري، مُن ڪي ڏوٽيائين- رڪ جو مُن ڀڃي وڌائين-ڇنون جيڪي هيس- سڀ ڪڙيءَ ڪڙيءَ ڪان ٽوڙي ڇڏيائين.

ڏٺائين رات آهي-

جنگ جو ميدان ڏسي- ترار جي ڪرڙي تي ٽيڪ ڏئي- چنيسر ڪي ننڊ اچي- فقير بيت جو بيان ڪري ڀڏائي:

ڪلر ويري ڪوٽ جو، مڇيءَ ويري ڄار
ڄم ويري چرڪو آهي، ڀڪين ويري باز
مردن ويري ننڊڙي، مهريءَ (٣) ويري سينگار
هو ڪاٺياري ڪُرم جي، ري ڀڇو ڪندي ڀتار

سجاڳ ٿيو-

---

(١) قلعو يا پايو. (٢)علي رضا علي رضا. (٣) عورت.

راڪاس ان جاء تي اچي – جتي ماڻهوءَ کي ٻڌندا هئا، مُن سان۔ راڪس جي خوراڪ ماڻهو۔)

ناهي ڪو رڪ جو مُن. ناهي ڪو ماڻهو. اوٺا هئي ته چنيسر تي نظر پيس.

چنيسر کي ترار جي ٽيڪ آ. ننڍ ائس۔

اوچتو راڪس وري. پهلوان جو مقابلو ٿئي. فقير بيت جو بيان ڪري ٻڌائي:

آڌيءَ جو آڳم ڪري، آيو راڪس راڙ ڪري
سيپر (١) اڇلي سومري، ويس جنوهر جاڳوڙي
تري سان تالا ڪري، وڍائين راڪس هٿادي
ڪاني سان ڪاٺي وڍائين، وڌو پالي پڙڪائي
پوءَ پڳئين پوريءَ جو، وڍئين ڪکر ڪڙڪائي
ڪنبيو جنهن ڪان ڪُستان (٢) تي، سو وڍئين لڪي ليٽائي

ڏٺو چنيسر ته اجان رات گهٽي آهي.

اچي اڳتي ته بورڊ تي نظر پيس، جنهن تي نامان نذر بيگ جو نالو لکيل هو.

دل ۾ خيال ڪيائين – 'مون کي ملڻو به ان سان هو ۽ دروازي به ان جي تي پهتو آهيان.'

دروازي اندر ماڻهن جو ڳالهاءِ ٻڌائين. اهي نامان نذر بيگ جا پهريدار هئا. چنيسر، انهن سان ڳالهائي. فقير بيت جو بيان ڪري ٻڌائي:

لاهيو لاڏ (٣) لڪيءَ جي، آءُ لنگهي منجهه اچان

اندران جواب اچي. فقير بيت جو بيان ڪري ٻڌائي:

---

(١) ڍال. (٢) ڪوهستان. (٣) وڏو در.

لکي دروازو لک جو، جنهن کاڙو لک سوا
کير(١) جنهن ۾ هر ذات جا، پيا قابو آهن ڪڙا
هي پويان گهر ٽي پکين جا، جيڻي ٽي ڪروڙن جا لوڙها

چنيسر چوڻ لڳو-

پرور لڄ پکين جي، رکندو پاڻ الله
آءُ آهيان آدم جو پٽ آدمي، مون کي اوهان جهڙو ساهه

هڪل ڪيائونس: ”هي لکي دروازو آ بتشاهه جو، جنهن کاڙو لک سوا.
هي بتشاهي دروازو آ. تنهنجي ناهي جا. انهيءَ ۾ اندر نه اچجانءِ.“

”اها ڪنهن جي جاءِ آهي، جو....“

”نامدار بيگ جي جاءِ آهي. اِني راڪس جي خوف کان وڏو ڪوٽ
ڏياري، لکي دروازو ٺاهيو اٿس. انهيءَ کان اندر پنجاهه جوان ويهاريا اٿس.“

”ڪنهن جي ڪري؟“

”ان راڪس جي ڪري.“

چنيسر دل ۾ خيال ڪيو- ’ڪٿي هي راڪس مون کي نه سمجهي ويهن!‘
سو چنيسر انهن کي جواب ڏني- فقير بيت جو بيان ڪري پڏائي:

پرور لڄ پکين جي، رکندو پاڻ الله
آءُ به آدم جو پٽ آدمي، مون کي اوهان جهڙو ساهه
لاهيو لاڏ لکيءَ جي، لنگهي منجهه اچان

اِها جا ڳالهه ٽي ته اندران پڇا ڪئي نامدار بيگ ته ”ڪير آهي؟“

هو چوڻ لڳا: ”راڪس آهي.“

هن چيو ته ”اوهين پنهنجي دروازي تي هوشيار رهو. پلي ٻاهر بيٺو هجي.“

(١) ڪڙا، ڪلف، ڪوڪا.

## لکي در جو ڀڄڻ

چنيسر دل ۾ خيال ڪيو- ’ير، الله تي نه ڀاڙيائين. در دروازي تي ڀاڙيائين. هاڻي اهو دروازو ڀڃ ته هنن جو اهو جيڪو خيال آهي سو لهي،‘ پهلوان دروازو ڀڃي. فقير بيت جو بيان ڪري ٻڌائي:

لاٿين لاڏ لکيءَ جو، ٻانور ڏيئن ڊرا
هڪڙا ٻوڙي لڪا گلمن ۾، ٻيا گهوڙي اولڙ ڏانهن
ڪنگهن ڪڙڪن ڪين ڪي، نه ڪي ڳرو ڪڻن پيا ساهه
هٿي ڳنجهي هڪ ڪونڙي، لڪو وڃي آلادين امراءَ

پهلوان ايلي ڪري، سپر مٿي ڪي ڏٺي، ٻه ٽريون ٽڪاءُ جو ڪيائين، ته دروازي جون چارئي چوڙهيون چٽ. جي پنجاهه ويٺل ها، سي لڪي ويا.

چنيسر اندر آيو. پهر ڏس ۾ ڪانه آئي. هيڏانهن هوڏانهن جو ڏٺائين ته نظر وڃي نامدار بيگ تي پيس.

## نامدار بيگ سان ملاقات

نامدار بيگ ڏسي دل ۾ خيال ڪيو - ’ير، طلب ٻه منهنجي رکندو آيو ۽ ڏٺين ٻه مون کي‘. سو نامدار بيگ فرياد ڪري، فقير بيت جو بيان ڪري ٻڌائي:

پنج منهنجا ڏاڍرو، ٻيا چوڪي ڏين پنجاهه
هڪڙا ٻوڙي لڪا ٿي گلمن ۾، ٻيا ٿي گهوڙي اولڙ ڏانهن
سي ڪنگهن ڪڙڪن ڪينڪي، ۽ نه ڳرو ڪڻن ٿا ساهه
ناالي نام الله جي، هڪڙي مون ٻندي ڪج ٻچاءَ

نامدار بيگ کي چنيسر چوڻ لڳو: ”نه ادا نه، تون ڊپ نه ڪر. آءٌ سمه جو سومرو آهيان.“

پين جو سلام بند، پگهار بند، اچڻ بند، وڃڻ بند ڪري ڇڏيائون.

گاهين سوچيو- "گهڻا ڏک ڏنا اٿئون. ڇو نہ آلادين بادشاه کان اجازت وٺي، دهليءَ جي شهر جي قُر ڪريون."

صلاح پاڻ ۾ پڏائون. ڪنهن وٽ آيا؟

آلادين بادشاه وٽ.

"آلادين بادشاه، اسان کي اجازت ڏي!"

اجازت وٺي، اچي مارا مار وڌائون.

آلادين بادشاه جو صوبو آهي. ڪير؟ مانڌن ملڪ وزير (١). تنهن وٽ مسڪين پڄي آيا تہ اسان سان ظلم ٿو ٿئي.

تنهن چيو: "نامدار بيگ سان ڳالهايو."

خلق وري ساري نامدار بيگ وٽ آئي.

سو چوڻ لڳو تہ "ادا بيهو، گاهين سان آءٌ ڳالهايان."

نامدار بيگ، حسن گاهيءَ سان ملاقات ڪري- فقير بيت جو بيان ڪري پڏائي:

نمڪ کاڌو سون بتشاه جو، جنهن مان جڙي هو ٿيا
هو ڏڪر ڏرندو ڪين ڪي، نہ ڪي مٿا پڄائيا
ڪندس ڪنهن تجويز سان، آلادين سان ڳالهہ اِها

"ڪنهن نامورني (٢) سان آلادين بادشاه سان ڳالهايو. هو جبل آهي. مٿو ڪونہ پڄائيبو."

هو چوڻ لڳو: "حڪم ناهي ادا، نہ."

"حڪم هجي ها تہ آءٌ پاڻ وڃان ها. پر اڄ تنهنجي بادشاهي آ. تون ڳالهاءِ."

(١) مانڌن راءِ (٢) نمولي.

هو چوڻ لڳو: ”ير، ياران موت عيد برابر. نامدار بيگ، هل.“

نامدار بيگ اُن سال گذجي ڪنهن وٽ آيو؟

آلادين باد شاه وٽ.

آلادين باد شاه جو سلام ڪيائين.

هن سلام نه ورتو.

ٻيو سلام ڪيائين.

سلام نه ورتائين.

آلادين بادشاه کي غصو آيو، ڪاوڙ لڳي ته تو وٽ ڪيترو لشڪر بارود هو، تون ڪونه وڙهئين! تنهن تان هو ڪجهه تکو ٿيو.

پر آلادين جا صوبا سپاه ها، سي ته نامدار بيگ جا عزيز هئا. فقير بيت جو بيان ڪري ٿا-

گولنداز پٺي چڙهيا، تن ماڙين جي ٻه متان
ڦيريو جا منهن توپن، تا بنگلي ڏيون ٻاه

توپن جا جيڪي منهن جهنگل ۾ ٻر ۾ هئا، سي ڦيرائي بنگلي ڏانهن ڪيائون.

## چنيسر جو هاٿيءَ سان مقابلو

ڏنو آلادين باد شاه ته سڄو لشڪر ڦري ويو.

پڇا ڪيائين: ”نامدار بيگ ڪر خبر، چاهي؟“

